# هالٽ-اٽ تجربو
# تحقيق بابت معلومات

**تحقيق جو عنوان:** ٽران ايگزيمڪ ايسڊ، آنڊن مان رت اچڻ: بنان ترتيب جي ڪيل مريض کي راحت ڏيندڙ دوائن ذريعي ڪنٽرول ڪيل تجربو جنهن ۾ سيني جي شناخت کي خفيه رکيو ويندو.
**تجربي واري هنڌ جو نمبر؛** xxx
**ڪتابچي جو ورزن:** وي 2.1 (پاڪستان)؛ ورزن جي تاريخ: 23 آگسٽ 2017

**هي اسپتال، آنڊن مان رت جي علاج جا بهتر طريقا ڳولڻ لاءِ تحقيقي اسٽڊي ۾ مشغول آهي**

## هيٺ ڏنلن مان هڪ توهان تي لاڳو ٿئي ٿو:

1) توهان اهڙا مريض آهيو جنهن کي آنڊي مان رت اچي رهيو آهي. اسان توهان کي دعوت ڏيون ٿا ته توهان هن اسٽڊي ۾ حصو وٺو.
2) توهان اهڙا مريض آهيو جنهن کي آنڊي مان رت آيو هو. جڏهن توهان بلڪل چاق نه هيا ته توهانکي هن اسٽڊي ۾ شامل ڪيو ويو هو. هاڻ اسان توهان کي چئون ٿا ته باقي رهيل اسٽڊي ۾ به حصو وٺو.
3) توهان هڪ اهڙي مريض جا نمائيندا آهيو جنهن کي آنڊي مان رت آيو آهي. اسان توهان کي چئون ٿا ته مريض جي پاران توهان فيصلو ڪريو ته ڇا هو هن تحقيقي اسٽڊي ۾ حصو وٺي سگهي ٿي/ٿو. جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا ته مريض ايترو چاق چڱو ڀلو هجي ها ته حصو وٺڻ تي راضي ٿئي ها، تنهن تي پڻ توهان غور ڪريو.

## هي ڪتابچو ڇا بابت آهي؟

انهي کان اڳ جو توهان هن مطالعي ۾ حصو وٺڻ تي سوچيو، اسان توهان کي آگاهه ڪرڻ گهرون ٿا ته هي مطالعو ڇو ٿي رهيو آهي ۽ انهي ۾ ڇا ڪيو ويندو.

اسانجي هڪڙي ٽيم توهان سان گڏ هن ڪتابچي کي پڙهندي ۽ توهان جي سوالن جي جواب ڏيندي. اسانجي خيال ۾ انهي ۾ تقريبن 20 منٽ لڳندا. جيڪڏهن توهان سمجهو ته هن مطالعي جي باري ۾ ٻين سان ڳالهائي سگهو ٿا

## هي مطالعو ڇا بابت آهي؟

اسان اهو ڏسي رهيا آهيون ته ڇا آنڊن مان رت جو ڪو بهتر علاج آهي. اسان کي اميد آهي ته مطالعاتي علاج (هڪ دوا جنهن کي ٽران ايگزيمڪ ايسڊ چئجي ٿو) جيڪا رت جا ڳوڙها ناهڻ ۾ مدد ڪري ٿي، سا رت اچڻ کي گهٽ ڪندي. پر اهو به ممڪن آهي ته اها اتي به رت جا ڳوڙها ناهي جتي ضرورت ناهي.

## مونکي حصو وٺڻ لاءِ چو چيو ويو آهي؟

توهان (مريض) کي آنڊي مان رت وهي رهيو آهي جنهن جي فوري علاج جي ضرورت آهي. توهان جو ڊاڪٽر سمجهي ٿوته توهان هن مطالعي ۾ حصو وٺي سگهو ٿا پر انهي ۾ حصو وٺجي يا نه سو فيصلو توهان کي ڪرڻو آهي.

جيڪڏهن توهان هن ۾ حصو وٺندا ته توهان سمورن دنيا جي اهڙن لڳ ڀڳ 12000 ماڻهن ۾ شمار ٿيندا جن کي آنڊي مان رت وهي رهيو آهي ۽ جيڪي هن مطالعي ۾ حصو وٺي رهيا آهن.

## اهو مريض هن مطالعي ۾ حصو نٿو وٺي سگهي جيڪو؛

- ڊاڪٽر جي خيال ۾ ڪو اهڙو خاص سبب آهي ته ٽران ايگزيمڪ ايسڊ نه ڏيڻ گهرجي
- ڊاڪٽر جي خيال ۾ اهڙو ڪو خاص سبب آهي ته ٽران ايگزيمڪ ايسڊ چو ڏجي
- هو/اها اڃان بالغ ناهي.

توهان (مريض) کي هن مطالعي ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ٽي ڏجي چاڪاڻ ته مٿي ڏنلن مان ڪا به صورت توهان تي لاڳو نٿي ٿئي.

### ڇا مونکي حصو وٺڻو آهي؟

نه. اهو توهان تي آهي ته توهان حصو وٺو يا نه وٺو. جيڪڏهن توهان حصو نٿا وٺڻ گهرو ته توهان جو ڊاڪٽر تڏهن به توهان جي نگهداشت ڪندو ۽ توهان کي اهو سمورو علاج فراهم ڪندو جنهن جي توهان کي ضرورت آهي.

### هي مطالعو ڪيئن ڪم ڪندو؟

اسانکي معلوم ناهي ته ٽران ايگزيمڪ ايسڊ ۽ انهي سان گڏوگڏ عام علاج ڏيڻ سان آنڊن مان رت وهڻ بهتر ٿيندو يا نه. انهي کي ڳولڻ جو بهترين طريقو هي آهي ته ڏسڻ گهرجي ته جن ماڻهن کي اها ڏجي ٿي اهي ڪيئن ڪن ٿا انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ جن کي نٿي ڏني وڃي. اهو ڪرڻ لاءِ، جيڪي ماڻهو هن مطالعي ۾ حصو وٺي رهيا آهن تن کي ٻن مان ڪنهن هڪڙي گروپ ۾ وڌو ويندو. هڪڙي گروپ کي مطالعي وارو علاج (ٽران ايگزيمڪ ايسڊ) ڏنو ويندو. ٻئي گروپ کي ڊمي علاج (راحت ڏيندڙ دوا) ڏني ويندي. مطالعي واري دوا جا پيڪيٽ ۽ ڊمي علاج توهان جي ڊاڪٽر کي بغير ڪنهن ترتيب جي ڏنا ويندا ۽ فقط انهي ترتيب سان استعمال ڪيا ويندا. اها ترتيب جي چاڻ صرف يو ڪي جي هڪ خودمختار ٽر کي هوندي. اهڙي ريت، جنهن ماڻهو کي جنهن گروپ ۾ وڌو ويندو سو فيصلو بغير ڪنهن ترتيب جي ٿيندو ۽ هر ماڻهو کي ٻئي گروپ ۾ پوڻ جو موقعو ملندو. هي مطالعاتي علاج ۽ ڊمي علاج ڏسڻ ۾ ساڳيو آهي تنهنڪري توهانکي ۽ توهانجي ڊاڪٽر کي اها خبر نه پوندي ته توهان ڪهڙي گروپ ۾ آهيو.

### جيڪڏهن مان حصو وٺندوس ته ڇا ٿيندو؟

رت وهڻ کي روڪڻ لاءِ توهان کي سمورو علاج فراهم ڪيو ويندو. توهان کي مطالعاتي علاج مان ڪو هڪ (ٽران ايگزيمڪ ايسڊ يا راحت واري دوا) ڏني ويندا. توهان جو اهو علاج فورن شروع ڪيو ويندو. اهو توهان کي هڪ ڊرپ جي ذريعي 24 ڪلاڪن جي عرصي ۾ ڏنو ويندو. مطالعاتي علاج بلڪ مفت آهي. هن علاج سبب توهان کي وڌيڪ ٽيسٽن يا اسپتال ۾ وڌيڪ وقت رهڻ جي ضرورت نه پوندي.

اسان توهان کي هي ڪتابچو ڏينداسين ۽ هڪڙي راضي نامي تي دستخط ڪرڻ لاءِ چونداسين.

اسان توهان کي هڪ خط پڻ لکنداسين ته جيئن توهان جي ذاتي ڊاڪٽر کي خبر هجي ته توهان هن مطالعي ۾ حصو وٺي رهيا آهيو.

### انهي بعد ڇا ٿيندو؟

اسپتال مان وڃڻ کانپوءِ اسان توهان جي صحت بابت چاڻڻ چاهينداسين. گهر وڃڻ کان اڳ، توهان کي ڪٽي وڃڻ لاءِ هڪ ڪارڊ ڏنو ويندو. جيڪڏهن اسپتال ۾ اچڻ جي هڪ مهيني اندر توهان ڪنهن ڊاڪٽر يا نرس کي ڏيکاريندا ته توهان کين اهو ڪارڊ ڏيکاريندا.

### ڇا حصو وٺڻ سان مونکي ڪو نقصان ٿيندو؟

ٻيون تحقيقون ٻڌائين ٿيون ته مطالعاتي علاج ( ٽران ايگزيمڪ ايسڊ) سان غير ضروري طور تي رت ڄمندو ناهي ۽ مختصر مدي وارا ڪي به مضر اثرات ناهن پر اسانکي معلوم ناهي ته توهان واري صورتحال واري ماڻهو سان به ساڳي حالت ٿيندي. توهان جو ڊاڪٽر توهان تي نظر رکندو ۽ جيڪڏهن ڪو مسئلو ٿيو ته توهان کي بهترين دستياب نگهداشت فراهم ڪندو. اهي انهن ماڻهن کي پڻ آگاهه ڪندا جيڪي هي مطالعو ڪري رهيا آهن.

### ڇا مونکي حصو وٺڻ مان ڪو فائدو ٿيندو؟

اسانکي معلوم ناهي ته هن مطالعي مان توهانکي مان مدد ملندي. پر انهي مان ڊاڪٽرن کي مدد ملندي ته هو مستقبل ۾ اهڙن ماڻهن جو علاج ڪري سگهن جن کي آنڊن مان رت وهي ٿو.

### ڇا حصو وٺڻ جي باري ۾ مان پنهنجو فيصلو تبديل ڪري سگهان ٿو؟

ها. جيڪڏهن حصو وٺڻ بابت توهان پنهنجو فيصلو تبديل ڪريو ٿا ته توهان کي فقط پنهنجي ڊاڪٽر کي چوڻو آهي ته توهان هن مطالعي ۾ حصو نٿا وٺڻ گهرو. اهو توهان ڪنهن به وقت ڪري سگهو ٿا. توهانجو ڊاڪٽر تڏهن به توهان جي نگهداشت ڪندو ۽ توهان کي جيڪو به علاج گهرجي سو فراهم ڪندو. اسانکي اميد آهي ته توهان اسان کي اها معلومات استعمال ڪرڻ ڏيندا ته توهان ڪيئن رهيا، پر جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته اسان اها معلومات استعمال نه ڪريون ته پنهنجي ڊاڪٽر کي آگاهه ڪندا.

### مون بابت ڪهڙي معلومات گڏ ڪئي ويندي؟

توهان کي رت اچڻ بابت تفصيل، توهان کي ملندڙ دوائون ۽ توهان جي طبيعت ڪيئن رهي سو درج ڪيو ويندو.

مکيه آفيس لندن جي عملي کي پڻ توهان جي دستخط ٿيل راضي نامي جي ضرورت پوندي. انهي سان کين اها خاطري ڪرڻ ۾ مدد ملندي ته مطالعو درست طور تي ٿي رهيو آهي.

### ڇا مون بابت معلومات کي خفيه رکيو ويندو؟

توهان بابت گڏ ڪيل سموري معلومات کي خفيه رکيو ويندو. اهي ماڻهو جن کي اها معلومات ڏسڻ جي اجازت هوندي سي هي مطالعو ڪندڙ ڊاڪٽر، لندن جي مکيه آفيس ۾ ڪم ڪندڙ عملو ۽ اهي اختياريون جيڪي اها چڪاس ڪنديون ته هي مطالعو درست طرح سان ٿي رهيو آهي، سي شامل آهن.

توهان جو ڊاڪٽر، لندن ۾ مطالعو ڪندڙ ٽيم کي توهان بابت ڪجھ تفصيل موڪليندو جيڪي اهي تفصيل سنڀالي رکندا. توهانجا ذاتي تفصيل هڪ الڳ محفوظ هنڌ تي رکيا ويندا ۽ هي مطالعو ٿيڻ جي پنجن سالن بعد اهي تفصيل تلف ڪيا ويندا. مطالعي جي نتيجن کي هڪ طبي جرنل ۾ ڇاپيو ويندو ته جيئن ٻيا ڊاڪٽر انهن مان پرائي سگهن. توهان جي ذاتي معلومات کي مطالعي واري رپورٽ ۾ شامل نه ڪيو ويندو ۽ اهڙو ڪوبه طريقو ناهي ته توهان جي انهي مان شناخت ٿي وڃي. سموري دنيا جي محققن کي هن مطالعي جي ڊيٽا تائين رسائي حاصل هوندي ته جيئن انهي کي طب جي جاچ ۽ مريضن جي بهتر نگهداشت لاءِ استعمال ڪري سگهجي. توهانجي ذاتي معلومات شامل نه ڪئي ويندي ۽ اهڙو ڪوبه طريقو ڪونهي جو توهان جي انهي ۾ شناخت ٿي وڃي

### هن مطالعي جو نگران ڪير آهي؟

هي مطالعو، يونيورسٽي آف لندن جي لندن اسڪول آف هائيجين اينڊ ٽراپيڪل ميڊيسن جي هڪ ٽيم طرفان ٿي رهيو آهي.

### هن مطالعي جو خرچ ڪير پري رهيو آهي؟

هن مطالعي جو خرچ حڪومت برطانيا پري رهي آهي. توهان جي ڊاڪٽر کي، مريضن سميت، ادائگي نه ٿي رهي آهي. فقط اهي خرچ جيڪي تجربي سان واسطو رکن ٿا سي پريا ويندا.

### هن مطالعي جي ڪنهن چڪاس ڪئي آهي؟

توهان جي مفادن جي نگهباني ڪرڻ لاءِ، هن مطالعي کي خود مختار ماڻهن جو هڪ گروپ جنهن جو نالو ريسرچ ايٿڪس ڪاميٽي آهي سو هن مطالعي جي چڪاس ڪندو. انهن انهي ڳالهه تي رضامندي ظاهر ڪئي آهي ته اهو ٺيڪ آهي ته اسان ماڻهن کي حصو وٺڻ جو چئون.

### ڇا مطالعي جي نتيجن جي باري ۾ مونکي خبر پوندي؟

مطالعي وارو اسڪول 2020 ۾ ختم ٿيندو. جيڪڏهن، مطالعي ختم ٿيڻ بعد توهان هن مطالعي جي نتيجن جو وچور حاصل ڪرڻ گهرو ٿا ته انهي ڊاڪٽر کي آگاهه ڪندا جيڪو توهان جو علاج ڪري رهيو آهي.

(haltit.Lshtm.ac.uk) توهان مطالعي جي ويب سائيٽ به وزٽ ڪري سگهوٿا ته جيئن هن مطالعي جي پيش رفت بابت معلوم ڪري سگهو.

## جيڪڏهن مون سان ڪو مسئلو ٿي پوي يا مونکي ڪا تشويش هجي ته ڪنهن کي چوان؟

توهان پنهنجي ڊاڪٽر يا نرس سان هن مطالعي جي باري ۾ ڳالهائي سگهو ٿا. اهي بهترين ڪوشش ڪري توهان جي سوالن جا جواب ڏيندا. توهان ڊاڪٽر (نالو لکو) سان به ڳالهائي سگهو ٿا جيڪو توهان جي اسپتال ۾ هن مطالعي جو نگران آهي. توهان ( ڪيس) هن پتي (ايڊريس) يا فون (نمبر) تي لکي سگهو ٿا.

جيڪڏهن توهان ناّخوش رهو ٿا ته توهان اسپتال جي ڊائريڪٽر يا ايٿڪس ڪاميٽي کي باقاعدي شڪايت ڪري سگهو ٿا جن هن اسپتال ۾ هن مطالعي کي منظور ڪيو آهي. توهان جا ڊاڪٽر توهان کي تفصيل ٻڌائيندا ته اهو ڪيئن ڪجي.

## مون کي ٻيو ڇا ڪجھ معلوم هجي؟

جيڪڏهن ڪو غلط ٿي پوي ۽ هن مطالعي دوران توهان کي ڪو نقصان رسي ۽ اهو ڪنهن جي غفلت جي نتيجي ۾ ٿئي ته توهان کي معاوضو حاصل ڪرڻ جو جواز موجود هوندو. لنڊن اسڪول آف هائيجين ائنڊ ٽراپيڪل ميڊيسن، جيڪي هن مطالعي جا منتظم آهن، سي اهڙن دعوائن جا ذميوار هوندا جيڪي هن مطالعي جي نتيجي ۾ ٿيندڙ بنا غفلت وارن نقصانن جي باري ۾ هجن.

توهان جي حوصلي افزائي ڪجي ٿي ته هن مطالعي کان اڳ، انهي دوران يا انهي بعد توهان جيڪو سوال پڇڻ چاهيو سو پڇو. جيڪڏهن هن مطالعي جي باري ۾ توهان کي ڪجھ به پڇڻو هجي ته مهرباني ڪري پنهنجي ڊاڪٽر يا نرس سان ڳالهائيندا جيڪي توهان کي هن مطالعي ۾ شامل دوا(دوائن)/طريقي ڪار بابت نئين ڪان نئين معلومات فراهم ڪندا. جيڪڏهن توهان هن مطالعي جي بنياد بابت تحقيق پڙهڻ گهرو ٿا ته پنهنجي مطالعي واري ڊاڪٽر يا نرس کي چوندا.